# مناجات

## بدرگاہِ قاضی الحاجات

بتوسّل

مشائخِ نقشبندیہ و سلسلہ حضراتِ مجدّدیہ

از

حضرت صدیق اکبر رضی اللہ عنہ

تا

حضرت خواجہ محمد حسن جان قدس سرّہ

---

جمادی الاولی سنہ ۱۳۸۶ھ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

(١) حمد اول ۾ چوان ربُّ[له] العُلا جي واسطي
شڪر بيحد خالقِ ارض و سما جي واسطي

(٢) پوءِ چوان دل جان سان لک لک صلوٰتون ۽ سلام
سيّد الڪونين ختم الانبياء جي واسطي

(٣) ڪر ڪرم مون تي خدايا مصطفىٰ[٢ه] جي واسطي
حضرتِ صدّيق[٣ه] اڪبر باصفا جي واسطي

(٤) رک سلامت دين ۽ ايمان منهنجو اي خدا
حضرتِ سلمان[٤ه] فارس پارسا جي واسطي

---

له قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۝ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۝

٢ه سرورِ ڪائنات محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم وفات سنه ١١ھ مدينه شريف ۾ مادهٔ تاريخ لفظ هو۔

٣ه حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه خليفه اول وفات سنه ١٣ھ مدينه شريف ۾۔ مادهٔ تاريخ لفظ احد۔

٤ه حضرت سلمان فارسي وڏو اصحابي آهي عمر سندس ٻه سؤ پنجاھ ورهيه هئي وفات سنه ٣٣ھ مداين جي شهر ۾۔

٥ نيڪ ڪر قسمت اسان جي ۽ سعادت ڪر نصيب
حضرت قاسم[له] امام الاتقيا جي واسطي

٦ صادقن سان حشر ڪر منهنجا الله العالمين
جعفر[٢ه] صادق امام الاوليا جي واسطي

٧ ڪر زياده دين ۽ ايمان اسان جو باليقين
بايزيد[٣ه] بوسطامي پيشوا جي واسطي

٨ بوالحسن[٤ه] سوخار قاني شهر جو ساڪن هيو
صاحب ڪشف و ڪرامت مقتدا جي واسطي

---

له وڏو عالم، محدث ۽ فقيه هو. وفات سنڌ بيس سنه ١٠٨ه مدينه شريف ۾. ماده تاريخ حق.

٢ه حضرت امام جعفر مشهور ١٢ - امامن مان وڏو امام آهي. وفات سنه ١٤٨ه مدينه شريف ۾.

٣ه شيخ بايزيد بسطامي سلطان العارفين طيفور بن عيسىٰ طريقه نقشبنديه جو پيشوا آهي. خواجه نقشبند کان اڳ جي نقشبندي طريقه جو نالو طيفوريه هو. وفات سنه ٢٦٩ه شهر بسطام ۾ آهي.

٤ه شيخ ابوالحسن علي بن جعفر. وفات سنڌ بيس سنه ٤٢٥ه شهر خرقان ۾ آهي.

(٩) حضرتِ شه[١] بوعلي عالي حسب عالي نسب
صاحبِ علم و عمل نورالهُدٰی جي واسطي

(١٠) حُسنِ ظاهر حُسنِ باطن شيخ يوسف[٢] کي هيو
ڏي اسان کي حُسن بئي اُن مه لقا جي واسطي

(١١) عبد[٣] خالق غجدواني هو امام العارفين
خلق جو رهبر ٿيو خاصو خدا جي واسطي

(١٢) معرفت پنهنجي عطا ڪر، محبت ڪر نصيب
پير ڪامل عارفِ[٤] راهِ هُدٰی جي واسطي

(١٣) نيڪ بختي ڪر عطا، عاقبت محمود ڪر
حضرتِ محمود[٥] شاهِ اصفيا جي واسطي

---

[١] شيخ ابو علي فضيل بن محمد وفات ٤٧٧ھ مزار شريف طوس ۾ آهي.
[٢] شيخ يوسف ابو يعقوب همداني. وفات ٥٣٥ھ مرات ۾ آهي.
[٣] شيخ عبد الخالق غجدواني علاقهٔ بخارا. سنه وفات ٥٧٥.
[٤] خواجه محمد عارف وفات موضع ريوگر علاقهٔ بخارا سنه. وفات ٧١٥
[٥] خواجه محمود انجير فغنوي موضع انجير فغنه از توابع بخارا
وفات ٧١٧ھ.

(١٤) سلسلہ جو پير ڪامل ھو علي[1] راميتني
حضرتِ بابا سماسي[2] باصفا جي واسطي

(١٥) پير پيرن جو ڏو ھو سيّدِ مير ڪلال[3]
ڪم ڪندو ڪنيا ھر ڪو ھوئي رياجي واسطي

(١٦) نقش بندِ نقشبند ان ھو بھاء الدين[4] ولي
تنھن ڪيو روشن طريقو ھي خدا جي واسطي

(١٧) دل ۾ ذڪرِ حق جو چرخو چوريان ھر روز و شب
حضرت يعقوب[5] چرخي پيشوا جي واسطي

---

[1] خواجه علي راميتني. وفات در موضع سماسي سنه ٧٢١ھ.

[2] خواجه محمد بابا سماسي وفات در قريۂ سماس علاقۂ بخارا سنه ٧٥٥ھ.

[3] خواجه سيد مير ڪلال مزار شريف قصبۂ سوخار ۾ وفات سنه ٧٧٢ھ

[4] حضرت سيد شاه نقشبند بھاء الدين بخاري وفات سنه ٧٩١ھ. خواجه حافظ شيرازي سندس تاريخ چئي آھي - بھاء الدين احمد طاب ثراه - امام سنت و شيخ طريقت - مادہ تاريخ (قرب طاعت).

[5] وفات سنه ٨٥١ھ - مادہ تاريخ شمس الھدايت - مزار شريف ھرات جي پاسي ھلغتو ۾ آھي.

(١٨) بند نفس و قيد شيطان کان خد آزاد ڪر
خواجهٔ احرار[١] شاهه ٻيءَ رهيا جي واسطي

(١٩) زهد ۽ تقويٰ طهارت علم ۽ حلم و حيا
زاهد[٢] و درويش[٣] و خواجه امڪنا[٤] جي واسطي

(٢٠) ڪر بقا بالله سان موصوف فاني غير کان
شيخ عبدالباقي[٥] باقي بقا جي واسطي

(٢١) جنهن ڪيو روشن شريعت ۽ طريقت جوڙيو
تنهن مجدد[٦] الف ثاني مقتدا جي واسطي

---

[١] حضرت خواجه عبيدالله احرار فاروقي پير ۽ مرشد مولانا جامي جو جنهن جي تعريف ۾ چيو آهيس ته چو فقر اندر قباي شاهي آمد ، بتدبير عبيداللهي آمد
وفات سنه ٨٩٥هه . مزار شريف سمرقند ۾ آهي.

[٢] خواجه محمد زاهد وفات سنه ٩٣٦هه موضع وخش ۾. مادهٔ تاريخ فيض الهي .

[٣] خواجه درويش محمد . پنهنجي ماما محمد زاهد جو مريد هو. وفات سنه ٩٧٠هه
مزار شريف اسفرار ۾. مادهٔ تاريخ مست عشق آهي.

[٤] خواجه امڪنه ولد خواجه درويش محمد . نالو سندس محمد آهي ۽ امڪنه شهر جو نالو آهي . وفات سنه ١٠٠٨هه ۾ آهي.

[٥] حضرت خواجه باقي بالله عرف خواجهٔ بيرنگ . مزار شريف شهر دهلي ۾ آهي . وفات سنه ١٠١٢هه.

[٦] امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي . مزار شريف سرهند ۾ . وفات سنه ١٠٣٤هه.

(٢٢) ذي اسان کي يا الٰهي تون گناهن کان پناه
خواجهٔ معصوم[1] اوّل حق نما جي واسطي

(٢٣) رنگ اسان کي دين ۽ ايمان جو ڏي اي خدا
صبغة الله[2] شاه بي رنگ وريا جي واسطي

(٢٤) شاه اسماعيل[3] جو هو صاحبِ تقوىٰ عجيب
جنهن کئي قربان جان تنهن جان فدا جي واسطي

(٢٥) خواجهٔ معصوم[4] ثاني شه غلام محمد[5] ولي
صاحبِ فيض و کرامت باصفا جي واسطي

---

[1] خواجه محمد معصوم ولد حضرت مجدد مشهور بعروة الوثقیٰ - مزار سرهند ۾ حضرت مجدد جي قبه کان جدا اوڏو قبو آهي جنهن ۾ سندس سندن فرزندن جون قبرون آهن - وفات ١٠٧٩ھ.

[2] خواجه صبغة الله ولد خواجه محمد معصوم وفات سنه ١١٢٢ھ.

[3] شاه اسماعيل ولد خواجه صبغة الله وفات سنه ١١٣٦ھ سرهند شريف ۾ جدا اتني وقبو آهي.

[4] خواجه غلام محمد معصوم ولد خواجه محمد اسماعيل معروف بمعصوم ثاني - ملقب بقطب الاقطاب - وفات سنه ١١٩١ھ سرهند شريف ۾ پنهنجي والد شاه اسماعيل سان گڏ تنهن جي قبه ۾ سندن تربت آهي.

[5] شاه غلام محمد ولد حضرت شاه غلام محمد معصوم معروف حضرت جي مزار شريف شهر پشاور.

(٢٦) دل اسان جي صاف ڪر ۽ زنگ ظلمت دور ڪر
شه صفي الله[1] امام الاصفيا جي واسطي

(٢٧) شاه فضل الله[2] جو ٿيو فيض جاري سنڌ ۾
فضل ڪر يارب اسان تي اولياء جي واسطي

(٢٨) حضرت شه عبد[3] قيوم هو انهن جو جانشين
صاحبِ علم و عمل فيض و هدیٰ جي واسطي

(٢٩) حضرتِ شه عبد[4] رحمٰن هو سراج الاوليا
آفتابِ معرفت نور الهُدیٰ جي واسطي

---

له خواجه صفي الله ڪابلي مشهور "بقيوم جهان". وفات سنه ١٢١٢هه -
بندر حُدَيدَه ملڪ يمن (حج جي سفر ۾) ٿي آهي -

٢ه شاه فضل الله ولد حضرت غلام نبي قنڌاري - وفات سنه ١٢٣٥هه
مزار شريف شهر قنڌار مشهور مقبره حضرت جي صاحب ۾ آهي -

٣ه حضرت خواجه عبد القيوم ولد شاه فضل الله - وفات سنه ١٢٧١هه
مزار شريف شهر قنڌار پنهنجي آباؤ اجداد جي مقبره ۾ -

٤ه حضرت خواجه عبد الرحمٰن ولد خواجه عبد القيوم. وفات سنه ١٣١٥هه
در قريه ٽکر مزار شريف گنج جبل جي دامن ۾ درياء سنڌ جي
ڪناري تي حيدرآباد سنڌ کان ١٢ ميل ڏکڻ طرف -

(٣٠) هوا ٿيو پيراسان جو مخلصن تي مهربان
حضرتِ خواجه حسنؔ[له] جان رهنما جي واسطي

(٣١) هيترن پيرن وليّن کي الله العالمين
تنهنجي دره تي ميڙ آندم التجا جي واسطي

(٣٢) آهيان بيڪار ۽ بن ڪار ڏاڍو بي عمل
ڪونه ڪيو ڪو مون عمل خالص خُدا جي واسطي

(٣٣) نفس پرور بي اثر ڪاهل ڪمينو آهيان
ڏي مون کي توفيق تون حمد و ثنا جي واسطي

(٣٤) نااميدي کا مڪراي شاه آغا شاد ڪره
فضل هن جو آهي دافع هر بلا جي واسطي

(٣٥) سڀ مرادون پوريون ڪر ۽ دُعائون مُستجاب
تنهنجي رحمت آهي واسع هر گدا جي واسطي

---

[له] حضرت خواجه محمد حسن جان ولد خواجه عبدالرحمن- وفات
تنبهه سائينداد ۾ تاريخ ٢ رجب سنه ١٣٦٥هه. مزار شريف گنجه جبل
۾ پنهنجي والد شريف جي بغل ۾-

(٣٦) اهل ۽ اولاد اسان جو شاد رک آباد رک
اهل بيت مُصطفىٰ خيرالورىٰ جي واسطي

(٣٧) پرِ مُرک يارب اسان جو ننگ ۽ ناموس پڻ
فاطمہ بنت النّبي خيرالنّساء جي واسطي

(٣٨) سڀ مريدن مخلصن کي رک سلامت اي خُدا
غازين بدر و حنين و کربلا جي واسطي

(٣٩) آفتون سڀ دور کر ۽ گهر سندن معمور کر
۽ دل سندين مسرور کر حمد و ثنا جي واسطي

(٤٠) مشکلات آسان کر ۽ دشمنن کان ڏي پناه
حُرمتِ شيرِ خدا مشکل کشا جي واسطي

تمّت

٢٦ رجب سنہ ١٣٨٤هـ

# ترتيب ختم خواجگان

اسان جي طريقه نقشبنديه ۾ حضرات مجدديه ۽ خلفا ئُ طريقه نقشبنديه ۾ هي ختم خواجگان مشهور ومعروف، باعث فيوض باطني ونزول برڪات وحصول مقامات سير وسلوڪ آهي. مقاصد ديني ودنيوي حل مشڪلات وقضاء حاجات لاءِ مجرب آهي. قديم زماني کان اهيو وظيفو معمول آهي، مگر هن زماني ۾ هن جو رواج گهٽجي ويو آهي تنهنڪري اسين هن جي ترتيب لکون ٿا ۽ پنهنجن مخلصن دوستن عزيزن کي هن جو تاڪيد ڪريون ٿا.

اسان جي ڏاڏي ۽ والد شريف جو طريقو هي هو ته عصر نماز کان بعد مسجد شريف ۾ باجماعت حاضرين حلقو ڪري ويهندا هئا، اچي چادر وچ ۾ وڇائيندا هئا، تنهن تي هڪ سو عدد پٿريون پکيڙيندا هئا ۽ ٻيون ڏهه پٿريون حساب جي واسطي پنهنجي اڳيان محفوظ رکندا هئا. پهريون پڪ ڪٺي باجماعت سورة فاتحه پڙهندا هئا، پوءِ درود شريف ١٠٠ ڀيرا پڙهندا هئا پوءِ انهن سو پٿرين مان ٢١ پٿريون ڪڍي باقي ٧٩ پٿرين تي سورة الم نشرح ٧٩ ڀيرا پڙهندا هئا پوءِ اُهي ٢١ پٿريون وري انهن سان گڏي سو عدد پورو ڪندا هئا ۽ جماعت تي تقسيم ڪري قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ شروع ڪندا هئا

دُعائن، استغفارن، وظيفن پڙهڻ ۾ ڪوشش ڪريو ته خدا تعالى
ڪان گناهن جي معافي گهرو ۽ پنهنجن مقصدن، مطلبن جي
درخواست درگاهه الاهي ۾ پيش ڪريو پنهنجي رزق جي
ڪشادگي ۽ ناگهاني آفتن ۽ بلائن کان پنهنجي واسطي ۽
پنهنجن عزيزن، دوستن جي واسطي پناهه گهرو ۽ هن ترتيب
سان ٽي ڀيرا سورة يٰسين ۽ لکيل دُعا پڙهو.

# ترتيب دُعا ليلة النصف من شعبان

رات جو ضروري ڪمن کان فارغ ٿي نماز پڙهي ماني کائي
پوءِ ٻه رڪعتون يا چار رڪعتون نفل پڙهي، پوءِ ٣ دفعا سورة
يٰسٓ پڙهي پهريون دفعو عمر دراز ٿيڻ لاءِ ٻيو دفعو رزق
روزي ڪشادي ٿيڻ لاءِ ٽيون دفعو آفتن ۽ بلائن دفع ٿيڻ
لاءِ. پوءِ هي دُعا هڪ ڀيرو يا ٣ ڀيرا پڙهي.

اَللّٰهُمَّ يَاذَا الْمَنِّ وَلَا يُمَنُّ عَلَيْهِ

يا الله اي صاحب احسان جا ۽ نه آهي مٿي تنهنجي احسان ڪرڻ وارو

يَاذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ يَاذَا الطَّوْلِ

اي صاحب عزت ۽ احسان جا اي صاحب قدرت

وَالْاِنْعَامِ مَظْهَرَ اللَّاجِيْنَ وَجَارَ

۽ نعمتن جا اي پشت پناهه پناهه گهرڻ وارن جا ۽ پناهه ڏيندڙ

الْمُسْتَجِيْرِيْنَ وَاَمَانَ الْخَآئِفِيْنَ

پناهه گهرندڙن جا ۽ امان ڏيندڙ ڊڄندڙن جا.

بِالتَّجَلِّي الْاَعْظَمِ فِيْ لَيْلَةِ النِّصْفِ مِنْ

وسيلي رحمت وڏي جي جيڪا منجهه هن رات اڌ مهيني مبارڪ

شَعْبَانَ الْمُكَرَّمِ الَّتِيْ يُفْرَقُ فِيْهَا

شعبان جي نازل ٿئي ٿي فيصلا ڪيا وڃن ٿا سڀن

كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ وَّيُبْرَمُ اَنْ تَكْشِفَ

ڪمن جا محڪم ته دفع ڪر

عَنَّا مِنَ الْبَلَاۤءِ مَا نَعْلَمُ وَمَا لَا نَعْلَمُ

ڪنان اسان جي آفتون جيڪي اسين ڄاڻون ٿا يا نٿا ڄاڻون

وَمَآ اَنْتَ بِهٖ اَعْلَمُ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعَزُّ

۽ جنهن کي تون ڄاڻين ٿو آهين تحقيق تون آهي وڏي عزت

الْاَكْرَمُ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا

۽ ڪرم وارو-

مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

مطبوعہ

مشہور پریس کراچی